SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[1 جون 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3 جي ٻئي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ جهنگلي جيوت جي علائقي ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، شرطيہ بيان جي ٻي ترميم ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ نيشنل پارڪ ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي